ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي

# پٽائي جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ڪندڙ موسيقار استاد نياز حسين جي ڌنن جو تحقيقي جائزو

# RESEARCH ANALYSIS OF THE TUNES OF THE MUSICIAN USTAD NIAZ HUSSAIN WHO POPULARIZED THE POETRY AND MESSAGE OF SHAH LATIF'S

**Abstract**

*The purpose of this research paper is to analyze the Media Musical Contribution of Musician Ustad Niaz Hussain in the field of Music. Special focus on the Vaaee's of Shah Abdul Latif Bhita. He composed multiple genres of Music in the all Medium like Radio, Television, Cassette and Film. He contributes so many new music experiences by his evergreen tunes.*

*The Music Library of Radio Pakistan Broadcasting Corporation (PBC) Hyderabad has contributed for completion of discography.*

موسيقار استاد نياز حسين (1936-1992) سنڌ جي شهر ڪراچي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد استاد بي بو خان (1904–1952) ڪلاسيڪي موسيقيءَ جي حوالي سان پنهنجي دؤر جو برک راڳي مڃيو وڃي ٿو. نيم ڪلاسيڪي رنگ ۾ "سنڌي ڪافي " نهايت شاندار ڳائيندو هو. ڳائڻ سندس لاءِ اڄ به سنڌ ۾ چوٽي مشهور آهي ته "تون کهڙو بي بو خان آهين "! جو ڳائين ٿو.

موسيقار استاد نياز حسين موسيقيءَ جي سکيا پنهنجي والد صاحب استاد بي بو خان کان ورتي انهي کان پوءِ پنهنجي وڏي چاچي استاد مبارڪ علي خان ۽ مراد علي خان کان موسيقيءَ جو علم پڻ پرايو. طرز نگاريءَ ۾ پاڻ موسيقار اعظم نوشاد علي نوشاد کان متاثر هئا.

موسيقار استاد نياز حسين جي وائي ڳائڻ واري آواز ۽ انداز تي تحقيقي ڪم ڪرڻ جو مقصد هي آهي ته، دراصل 60-1970ع جي ڏهاڪي ۾ سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي مدد سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي راڳ کي سَهيڙڻ، سَمجهڻ، لکڻ Notation جي صورت ۾ ۽ ريڪارڊ ڪرڻ جي لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اڳواڻيءَ ۾ رٿا جوڙي وئي هئي. جنهن جا مکيه شرڪاءَ استاد منظور علي خان، استاد امير علي خان، مقبول احمد خان، رشيد علي خان، موسيقار استاد نياز حسين، نذير خان طبله نواز، استاد گلاب خان ڊولڪ نواز شامل هئا . جن ملي ڪري هن پروجيڪٽ تي ڪم ڪيو. هن سڄي ٽيم ورڪ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا سُر، راڳ لکڻ جو ڪم موسيقار استاد نياز حسين جي حصي ۾ آيو. جنهن ۾ 30 سرن کي ڀهريون دفعو سهيڙيو ويو. جيڪي قلمي نسخي طور موجود آهن جن جو اڪثر ذڪر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحريرن ۾ ڪيو آهي.

موسيقار استاد نياز حسين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي هڪ سازيندي جي حيثيت سان 1955ع ۾ ملازمت اختيار ڪئي. ان دروان وائلن، بينجو، هارمونيم، اڪارڊين، گٽار، پيانو پڻ وڄايا. موسيقار استاد نياز حسين آخري عمر تائين هارمونيم وڄائيندي گهڻو ڏنو ويو.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ملازمت واري دَوَر ۾ موسيقار استاد نياز حسين هزارين ڌنون ترتيب ڏنيون. (مرزا، 2014، 76)

جن ۾ حمد، نعت، منقبت، سوز، سلام، نوحه، مرثيه، رباعيون ، مخمس، مسدس، قطعه، ڇڇن، وائيون، ڪافيون، گيت، غزل، نظم، آزاد نظم، هائيڪو، مورو، مزاحيه گيت، لوڪ گيت، سدا رنگي ڪلام، زرعي نغما، وطن جا گيت، ٻارن جا گيت، Commercials, Jingles، ڌمالون، دوگانه، سهرا، ڳيچ، لاڏا، پروليون ۽ لوليون موجود آهن. موسيقار استاد نياز حسين شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائيءَ تي نهايت شاندار عالي شان ۽ بي مثال ڪم سرانجام ڏنو . اول ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڀهرين ميڊيا تي راڳي سيد

غلام شاهه جو انگ، رنگ، ڍنگ سکي ۽ انهيءَ انداز کي ذهن ۾ رکندي علڻ فقير کي عام کل ڀوڳ نموني مان ڪڍي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مشهور وائي

مون ۾ تون موجود، آئون آڳاهين آهيان (دائودپوٽو، 1994، 383)
جي ڌن تيار ڪري، علڻ فقير جو هڪ نئون فنڪارانه تعارف قائم ڪيو. انهيءَ ساڳي انداز کي شيخ اياز جي وائي:
"ٽڙي پوندا ٽارئين، جڏهن ڳاڙها گل الو ميان "تڏهن ملنداسين (مرزا 2014، 38)
اها وائي پهريون دفعو جيڪب آباد هارس ۽ ڪيٽل شو ۾ معروف اديب دانشور ممتاز مرزا جي چوڻ تي ڊيوٽ وائي Duet Vaaee (علڻ فقير ۽ زرينه بلوچ) ملي پيش ڪئي هن وائي جي خاصيت اها آهي ته شاهه جي وائي جوڳائڻ جو اندازوارعڪس پيش ڪري شاهه جي موسيقي جي وڏيڪ پرچار ڪئي، هن وائي جي ڪري وائي شاهه واري انداز کي وڏيڪ شاهوڪاري نصيب ٿي . در حقيقت موسيقار استاد نياز حسين انهيءَ ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي درگاهي رنگ کي طرز ڪاري ۾ آٽي سگهيو هو ڇو جو کين سازن جا رويا، استعمال جا گهاڙيٽا، ٻول چال، ڍنگ، انگ ، رنگ جو وڏو تجربو هو75 . 1976ع جي دؤر ۾ عابده پروين کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هڪ وائي:
"دَردَ مُئيءَ جيءِ جا دارون (دائودپوٽو ، 1994، 362)
آغا خان آرڪسٽرا (جديد سازن) تي سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪمپوز ڪري پروڊيوسر محمد انور بلوچ جي پروڊڪشن ۾ پيش ڪئي وئي. هن دؤر کي شاهه جي وائيءَ جو جديد سازن سان پرچار چئي سگهجي ٿو. ريڊيو ئي صرف انهيءَ قسم جا نوان تجربا ڪري سگهي ٿو ۽ انهيءَ کان پوءِ پي ٽي وي ۽ ڪيسٽ ۽ فلم ۾ به ڪجهه تجربا سامهون آيا جن جو عوامي موسيقي کان معيار چڙهيل هو تنهن ڪري اهي گهڻو عام ڪو نه ٿي سگهيا .عوام جي سمجهه جي سطح کان چڙهيل هئا. مشهور پروڊيوسر، براڊ ڪاسٽر خواجه امداد علي جي دؤر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وائي تي جديد ۽ قديم سازن جي ميلاپ سان مرد ۽ عورت ڳائڻين جي مدد سان هڪ مشهور وائي:

هاڻي ايندو، هاڻي ايندو
منهنجو سڄڻ هاڻي ايندو
(دائودپوٽو، 1994،.390)

ان وائي لاءِ انجم آراء جهان آراء فوزيه سومرو، آسيه بلوچ، نگهت جعفري، غلام شبير شاهاڻي، ذوالفقار علي، مظهر حسين وائي کي ڪورس جي انداز ۾ پيش ڪيو، جنهن کي پهريون دفعو گڏيل سنگ چئي سگهجي ٿو. هن جي لئي، سُر اهڙا ته منتخب ڪيا ويا جو ان دؤر جي اڪثر اسڪولن ۾ پار "آجياڻي جي وائي "جي نالي سان Welcome song طور پيش ڪندا هئا موسيقار استاد نياز حسين شاهه عبداللطيف ڀٽائي واري وائي ڳائڻ جي انداز کي عام ڪرڻ ۾ ٻين تائين پهچائڻ لاءِ سيد غلام شاهه کان باقاعده سکيا ورتي. سيد غلام شاهه جي مشوري ۽ سکيا مطابق وڏي عرصي تائين گهٽ ۾ گهٽ ٽن ماڻهن جي ٽولي ٺاهڻ ۾ رڌل رهيو. جنهن جي لاءِ سڀني کان اول استاد منظور علي ۽ ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ جي صلاح سان استاد منظور علي خان جي ٽيئي لائق، متحرڪ ۽ ان وقت جي مشهور شاگردن محمد يوسف، وحيد علي ۽ انور حسين وسطڙو جا نالا منتخب ڪيا ويا هئا. اهو انهي ڪري جو انهن جي سکيا هڪ ئي وقت ۾ استاد منظور علي خان وٽ ٿيل هئي. سُر لئي ۽ ڳائيڪي جو نمونو به ڪنهن حد تائين هڪ ئي هو. پر اِهي ٽيئي فنڪار هڪ ذهن ٿاهي هڪ وائي جي لاءِ گڏ ئي نه ٿي سگهيا. موسيقار استاد نياز حسين جي طرزنگاريءَ ۾ ڪوئي ثمر خيز نتيجو نه ڏئي سگهيا.

تنهن ڪري ممتاز مرزا ۽ عبدالحميد آخوند جي صلاح سان موسيقار استاد نياز حسين پنهنجن ٽنهي پٽن ذوالفقار علي، نذر حسين، مظهر حسين کي پهريون دفعو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جي پهرين وائي پهرين ڏوهڙي سان چونڊ ڪري ڪمپوز ڪئي.

سپڪا پريان ڪُون، پوڇي نينهن نيئين ڳڻ ڳالهه وڙُ (دائود پوٽو، 1994، 366)

موسيقار استاد نياز حسين جي لاءِ موسيقي جي اڪثر ماهرن جو خيال آهي ته هو لوڪ موسيقيءَ کي اڳتي وڌائيندڙ موسيقار هو هن نظريي جي عمل ثابتي لاءِ مثال هيٺان ڏنل اسمن مان لڳائي سگهجي ٿو. ان وقت جي پروڊيوسرن جو جو چوڻ آهي ته.

مائي ڀاڳي جنهن وقت 1970ع جي دؤر ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾، معروف پروڊيوسر شيخ غلام حسين جي چوڻ تي ٿر مان آئي هئي تنهن وقت اُن کي ڪمپوز ڳائڻ جو تجربو ڪونه هو. ان دوران "پِٽ جا ڀٽائي وو پٽ تي وسي نور منهنجون تو پُڇايون "ريڪارڊ ۽ هن آئيٽم کي نه رڳو ڳائڻ، ٻڌڻ لائق

ڪيو پر ان کي دوامي عروج ماڻڻ لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي ۾ مختلف ادارن ۾ ٿيندڙ شاهه لطيف جي ميلي ۾ عام ڪيو. بالڪل اهڙي طرح زرينه بلوچ کي "منهنجا سهڻا لطيف تيڏي سنڌ وسي "وحيد علي جو "جيئي لطيف منهنجو سهڻو لطيف "به هن سلسلي جون ڪڙيون آهن اهي سڀئي آئيٽم هينئر تائين سدا بهار لوڪ گيت وانگر آهن. ۽ عوام بيحد مقبول آهن.
سنڌ جو خوبصورت گهڻ رخي راڳي محمد يوسف جنهن کي هڪ دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڏوهيڙن کي خيال گائيڪي وانگر ڳائڻ جو خيال ذهن ۾ جاڳيو. جنهن لاءِ ان کي ڪوئي اهڙو موسيقار دستياب نه ٿي سگهيو جيڪو ان جي ان خيال گائيڪي واري تخليقي نظرئي جي آبياري ڪري سگهي تڏهن استاد نياز حسين سندس ڀرپور مدد ڪئي ۽ ڪيئي ان ڏس ۾ نوان تجربا محمد يوسف جي آواز ۾ ريڪارڊ تي موجود آهن، ان لاءِ ممتاز مرزا، محمد انور بلوچ، جهانگير قريشي، خواجه امداد علي، ارشاد اعوان، بيدل مسرور، اعجاز عليم عقيلي جهڙن Music Lover پروڊيوسرن جا نالا شامل آهن. معروف براڊ ڪاسٽر، پروڊيوسر ۽ خصوصاً موسيقي جي ڄاڻ رکندڙ، محمد جهانگير قريشي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان هڪ ميوزڪ پروگرام "ڪافي رنگ" جي نالي سان شروع ڪيو جنهن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي واين کي ڪافي ڳائڻ جي انداز ۾ پيش ڪرڻ مقصد هوندو هو. ان لاءِ اُتر جي بهترين راڳي حميد علي سيهواڻي کي شاهه جي وائي:
ويٺي ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري (دائودپوٽو، 1994، 388)
اهاي ساڳي وائي، ڪافي انداز ۾ مظهر حسين پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي تان نشر ٿيندڙ ٻارڙن جي پروگرام ـ"روشن تارا" جنهن جي پروڊيوسر سلطانه صديقي ميزبان مهتاب اڪبر راشدي هوندي هئي تان پيش ڪيو ويو.
ٻن ٽن محفلن ۾ موسيقار استاد نياز حسين پاڻ به رات جي پوئين پهر ۾ ڪنهن نجي محفل ۾ اها ڪافي ڳائي آهي. سنڌي ثقافت، تهذيب ۽ موسيقي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ خاص پروگرام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان "ساٽيهه جا سينگار "جي نالي سان پيش ڪيو ويندو هو، جنهن جا ميزبان ممتاز مرزا ۽ پروڊيوسر شيخ غلام حسين هوندا هئا. هن پروگرام جا شرڪاءُ منظور نقوي،، شيخ اسماعيل، دادي ليلاء استاد منظور علي خان، پير بهاؤالدين سرهندي، موسيقار استاد نياز حسين، استاد محمد جمن، استاد رشيد خان، استاد مجيد خان

سارنگي نوازء استاد امير خان سارنگي نوازء پروفيسر نجم الحسن رضويء (ميوزڪالاجسٽ) مقبول احمد (ميوزي ڪالاجسٽ) هوندا هئا. جيڪي خصوصي طور تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪنهن به هڪ سُر تي يا سنڌ جي ڪنهن راڳ تي ڳالهائيندا هئاء چنڊڇاڻ ڪندا هئا ۽ ڪنهن هڪ حتمي فيصلي تي پنهنجي ٻڌندڙ عوام کي راڳ جي ڄاڻء سکياء ٻڌڻي ۽ تفريحي ۾ اضافو ڪندا هئاء جنهن جي لاءِ سنگيت مان چنڊڇاڻ ڪري ڏنون ترتيب ڏيڻ ۽ راڳن جي صحيح شڪل نروار ڪرڻ ۾ موسيقار استاد نياز حسين بنيادي ڪردار ادا ڪندو هو. انهيءَ کان علاوه پروگرام لوڪ موسيقي جي ڏنن جو ڪلاسيڪي (پڪي) راڳ سان ڪهڙو رشتو قائم ٿيل آهي ۽ شاهه جي انهن سُرن جو به ذڪر پرپور نموني سان ٿيندو هو.بين الاقوامي سطح تي جنهن خطي ۾ اسين رهون ٿا ان کي سنڌ چئجي ٿو. ڪجهه راڳ هتي جا ICON آهن. (South Asian Music) جيڪي جنوبي ايشيا جي موسيقي ۾ گڏيل ثقافت جا اهڃاڻ هاڻي سمجهيا وڃن ٿا. جيئن ايمنء بروو، سري ءبلاولء ڪيڏاروء سهڻيء حسينيء پرڀاتيء آساء ڪاموڌ جا سنڌي علاقائي رويا ڪهڙا آهن. پوءِ معذوريء ڪارايلء سامونڊيء مارئيء سسئيء نوريء گهاتو تي ڪيئن سهيڙجي ان لاءِ به عوام خطن ذريعي پنهنجا رايا ۽ پنهنجي شموليت جي ذريعي سنڌي موسيقي جي واڌ ويجهه ۾ حصو وٺندا هئا.اگر اهي spool موجود ريڊيو پاڪستان جي ميوزڪ لائبريري ۾ آهن ته وڏي قيمتي ڄاڻ ملي سگهي ٿي .

ريڊيو پاڪستان جي نيشنل پروگرامن ۾ هڪڙو پروگرام اهڙو به هو جنهن جو مقصد شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ انهيءَ معيار جي پاڪستان جي ٻين صوبن ۽ عالمي شاعرن جي شاعريءَ کي اردو ترجمه سان گڏ پيش ڪرڻ شامل هوندو هو.

“آهنگ پاڪ ”نالي پروگرام ۾ شاهه جي واين جو منظوم اردو ترجمو هڪ ئي و قت ٻن قسمن جا فنڪار ڳائيندا هئاء جيئن:

مون کي ڪام جهلي سيڪا پاڻ پلي (دائود پوٽوء 1994، 413)

روڪي ڪوئي نه مجهي جود پر بس نه چلي (شاعر: قاصد عزيز)

ويندي آهُ پار پريان ڏي

ملنا هيء ميهار سي مجهه ڪو

ان پروگرام ٺيڻ جو ئي نتيجو آهي ته پاڪستان ٽيلي ويزن تان علڻ فقير ۽ محمد علي شهڪي جي ڳايل مشهورِ عالم وائيءَ جو ترجمي سان گڏ هڪ انداز متعارف ٿيو.

جيڪي ميهار ميهار، ڪن ڙي اديون تن کي لهر لوڏيندي ڪينڪي
تيري عشق مين جو بهي ڊوب گيا اسي دنيا ڪي لهرون سي ڊرنا ڪيا.

جيڪو بنيادي طورتي ريڊيو حيدرآباد تان ابتدائي شڪل ۾ پيش ڪيو ويوهو بعد ۾ معروف اداڪاره ۽ پروڊيوسر ساحره ڪاظمي راحت ڪاظمي جي گهر واري پي ٽي وي تان پيش ڪيو.

هڪ ٻيو انداز

سنڌي : دوست پيهي در آيو (بلوچ 1976، 107)
اردو : دوست ميري گهر آيا ترجمو: آغا سليم ( مرزا، 2014، 32)

سنڌي : بوند برهه جي بهار لڳي (بلوچ 1976، 15)
اردو : بوندنيون کي پهوار او سائين (دائود پوٽو، 1994، 23)

اهي ٻئي ائٽم اڄڪلهه ڊاڪٽر ذوالفقار علي قريشي ۽ مظهر حسين پڻ ملي ڪري ڳائيندا آهن.

گيتن پري ڪهاڻي، گيتون ڀري ڪهاني جي موضوع تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سورمين تي ڏوهڙن جي صورت ۾ ۽ گڏوگڏ سيد صالح محمد شاهه (مشهور براڊ ڪاسٽرصداڪار ۽ ميزبان) جي آواز ۾ داستان، سُر ۽ صوتي اثرات (راڳن جي صورت) ۾ پيش ڪيا ويندا هئا. جنهن ۾ مختلف سازن سان شاهه جي راڳن کي نروار ڪيو ويندو هو. جيئن سورٺ، راڻو، ڪوهياري وغيره وغيره.

ان لاءِ موسيقار استاد نياز حسين سازينا جوڙيندو هو، جنهن ۾ English orchestration کان هٽي ڪري سازن سان آلاپ ۽ ورلاپ سان سنڌي راڳ جي Music Communication کي نروار ڪيو ويندو هو. خواجه امداد علي پروڊيوسر ۽ محمد انور بلوچ پروگرام "راڳ پهلي" ۽ "ريڊيو ميوزڪ اسڪول" جي نالي سان شروعات ڪئي سالن تائين موسيقار استاد نياز حسين

ريڊيو جي ذريعي موسيقي سيکارڻ جو سلسلو جاري رکيو. جنهن مان ٻڌندڙ موسيقي جي صحيح سکيا گهر ويٺي بنا تڪليف جي علم موسيقي پرائيندا هئا . خاص ڪري ڳوٺاڻن نياڻين ۽ عورتن ان پروگرام ذريعي اسان جي ثقافتي موسيقي بابت تمام گهڻي لاڀ پرائي.

پروگرام جو گهاڙيٽو ڪجهه ائين هو جو راڳ پهيلي ۾ ڪوئي به هڪ نغمو ٻڌندڙن کي ڏنو ويندو هو ۽ خطن ذريعي ان جو راڳ، تال ۽ شاعريءَ جو بحر وزن ٻڌائڻو هو ندو هو. شاعر، موسيقار، فلم کان علاوه ڳائڻي ۽ ڳائڻيءِ جو نالو ته ضرور ٻڌائڻو هوندو هو.

ظهير احمد وارثي جي آواز ۽ نصير مرزا جي پروڊڪشن ۾ شيخ اياز جي آزاد نظم "اسان ننڊ جا نيڻ آهيون پرين "تي هڪ الڳ ۽ نئون تجربو ڪيو ويو، جيڪو ريڪارڊ طور تي موسيقار استاد نياز حسين جي فن جي ڪمال جو زندهه مثال آهي.

1950ع ۾ استاد بي بو خان کاهي روڊ حيدرآباد ۾ "سنڌ ميوزڪ ڪاليج "جي نالي سان موسيقيءَ جي سکيا جو ادارو قائم ڪيو. بي بو خان جي وفات 1952ع کان پوءِ ان سلسلي کي موسيقار استاد نياز حسين ان اداري کي اڳتي وڌائيندي پيا شاگرد به پيدا ڪيا جن ۾ راڳي محمد يوسف، جمال صديقي، سي برنالڊ ببي "عبدالرشيد، شيرل نيڪ سروري، قادر بخش ڏاوچ، سليم نوشاد، مسعود رعنا، ڊاڪٽر علي موسيٰ قادري، رحيم بخش سومرو، لياقت علي ميمڻ، محمد علي خان.

موسيقار: غلا علي، ضمير سنڌي، جيرا، سهيل رعنا، ظفر علي

پروڊيوسر: بيدل مسرور، سهيل رعنا، پروفيسر نجم الحسن رضوي، ارشاد اعواڻ

سازنده: غلام علي غلامون بانسري نواز.

جن فنڪارن کي استاد نياز حسين پنهنجي زندگيءَ ۾ فني دنيا ۾ متعارف ڪرايو، انهن ۾ عابده پروين، مائي ڀاڳي، آسيه بلوچ، مهتاب بلوچ، وحيد علي، علڻ فقير، نوربانو، بشارت علي شاهه، سحرش ميمڻ، پري وش پٺو، ذوالفقار علي، نذر حسين، مظهر حسين، رجب علي، ممتاز لاشاري، محمد رمضان، فتح علي خان، حميد علي خان جا نالا اچي وڃن ٿا. مذڪوره اداري جي تحت شاهه لطيف جي چيل مختلف داستانن جيئن سهڻي ميهار ، نوري ڄام تماچي،

سسئي پنهون، مومل راڻو وغيره وغيره کي ڊرامائي موسيقياتي شڪل ۾ پيش ڪيو ويو جنهن سان شاهه سُر، داستان ۽ راڳ جو ظهور ڪيو ويو.
1980-81ع ۾ مرزا قليچ بيگ جي لکيل منظوم ڊرامي "ليلي مجنون" کي Sindhi Opera جي سنڌي شڪل ۾ راڳي فنڪار عابده پروين، سينگار علي سليم ۽ سندس آواز ۾ موسيقار استاد نياز حسين زبيده ڪاليج حيدرآباد جي اسٽيج تي پيش ڪيو جنهن جو ڊائريڪٽر ابو بلاول پروڊيوسر محمد انور بلوچ هو جڏهن ته مهمانِ خصوصي باباءِ ثقافت ڪريم بخش نظاماڻي هو، جنهن جو ڊرامي ڏسڻ کان پوءِ تاثر هو "نياز ! مان بس خواب ڏٺو آهي."
موسيقار استاد نياز حسين کي پي ٽي وي ڪراچي سينٽر سرٽيفڪيٽ 1964ع کان 1974ع سان نوازيو ويو، پروگرام سنڌ صدين کان جو ڏهن سالن تائين جي سنڌي موسيقي ترتيب ڏني هئي.
لعل شعباز قلندر ايوارڊ 1986ع، لعل شهباز قلندر خصوصي ايوارڊ 88-1987ع، سچل سرمست ايوارڊ 89، پراڻ ايوارڊ 1992ع (وصال کان پوءِ) لاڙ ايسوسي ايشن طرفان PBC ايوارڊ 1993ع (وصال کان پوءِ) اٺٽيهين سالگرهه ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي موقعي تي.
شاهه عبداللطيف ڀٽائي ايوارڊ 2009ع (وصال کان پوءِ)، سيد مصري شاهه ايوارڊ 1982ع، سگا 1980ع ايوارڊ.
۽ سڄي سنڌ ۾ سرڪاري غير سرڪاري ميلن ملاکڙن ۾ شموليت جو اعزاز حاصل آهي. جنهن جا سوين سرٽيفڪيٽ ۽ شيلڊس موجود آهن. 1991ع ۾ ترڪستان اسلامي جمهوريه جو موسيقياتي غير ملڪي دورو به ڪيو، جنهن ۾ ٻين فنڪارن سان گڏ خاص طور تي محمد يوسف به شامل هو.
ذوالفقار علي، نذر حسين ۽ مظهر حسين هن ئي سلسلي کي اڳتي وڌائڻ ۾ ڏينهن رات مصروف عمل نظر ايندا رهن ٿا. موسيقار استاد نياز حسين جي نظرداري، سڪيا ڪمپوزيشن، ترتيب، تربيت ۾ هيٺيون ڏنل وائيون ڳايون ويون.
منڌ پيئندي مون، ساجن صحيح سڃاتو

اڃي سار لهيج، ساجن صورت ماري آءُ ماري
ٿيندو تن طبيب الا، دارون منهنجي درد جو
هاڻي ايندو هاڻي ايندو
مون کي ڪام جهلي سپڪا پاڻ پلي

دوست پيهي در آيو. (ترجمي ساڻ)
منهنجي سيد سار لهندو
بوند برهه جي بهار لڳي (ترجمي ساڻ)
ويئي ڪين وساري محبت وڏڙي ماري
گهمان جال جبل وو جيڏيون جت لاءِ
سائين نندا بار

اجاوايون ٿاهڻ ڳائڻ جو سلسلو جاري آهي.

موسيقار استاد نياز حسين ڪل وقتي بنيادن تي پنهنجي سڄي حياتي موسيقي جي ترويج، واڌ ويجهه، ترقي ۽ بهتري لاءِ ارپي ڇڏي. نتيجي ۾ سندس هزارين ڏنون اڄ به سُريلن انسانن جي سهڻي دماغ جي موسيقيائي غزا فراهم ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن. ظاهري 56 سال ۽ 14 ڏين هن جي عمر ۾ انهن پنهنجا اڻ ڳُڻ مداح پيدا ڪيا. 7 فيبروري 1992ع، جمعي جي ڏينهن رات جو اٺين بجي دم ڏٺي حوالي ڪيو. سندس آخري آرام گاهه ٽنڊو يوسف قديمي قبرستان، حيدرآباد سنڌ ۾ آهي.

**حاصل نتيجو**

موسيقار استاد نياز حسين شاهه جي وائيءَ جا اُچار چٽا ڪري پيش ڪرڻ تي نهايت خصوصي ڏيان سان موسيقيءَ جون ڏنون ٺاهي، شاهه جي آفاقي ۽ قائم پيغام کي عام ڪيو. ان لاءِ هڙون وڙون، آخر ۾ پنهنجي پٽن تائين به ان تجربي لاءِ حاضر خدمت ڪيائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي وائي جا نت نوان گهاڙيٽا ٺاهيائين. هر نئين انداز سان ڳائڻ واري کي انهيءَ جي قدرتي وصف ، سمجهه ، اپُج ذات کي ۽ خصوصي نموني ۾ ڳارائين.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ساراهه ۾ لوڪ گيت نما (نوان گيت) ٺاهي عام ڪيائين جيئن

پٽ جا ڀٽائي وو پٽ تي وسئي نور منهنجون تو ڀچايون (مائي ڀاڳي)

جيئي لطيف، منهنجو سهڻو لطيف، جيجي زرينه بلوچ/استاد وحيد علي ، علڻ فقير جو انداز ٺاهي متعارف ڪرايائين.

جيڪي ميهار، ميهار ڪن ڙي اديون ترجمه سان گڏ تعارف ڪرايائين.

ڊاڪٽر ذوالفقار عليءَ نذر حسين، مظهر حسين، وائيءَ جو جديد سنگ (ٽولي) پيش ڪيائين.
شهر حيدرآباد سنڌ، سڄي سنڌ مان ايندڙ مرد توڙي مائين ڳائڻين جو مرڪز سمجهيو ويندو آهي. ڪراچي ريڊيو پاڪستان جڏهن شروعاتي پروگرام سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيا ان جي سال ٻن ڪان پوءِ استاد محمد جمن، استاد محمد ابراهيم جهڙا فنڪار ۽ موسيقار هتي اچي آباد ٿيا. حيدرآباد ۾ فلم ۽ ڪيسٽ ڪلچر جو بہ بنياد ريڊيو جي اچڻ ڪان پوءِ ڪيو ويو جنهن ۾ موسيقيءَ جا انيڪ نمونه پيش ڪيا ويا.
حيدرآباد شهر ۾ موسيقار استاد نياز حسين وي آئي پي ڪيسٽ ڪمپني جي پروپرائٽر صلاح الدين ۽ زاهد حسين جڏهن ڪمپني جي شروعات ڪئي ته ان ۾ موسيقار استاد نياز حسين انهن سان پاڻهن پيلي ٿي ان ڪم جي بنياد رکڻ ۾ اڳتي اڳتي هو.
1975-1985 جو ڏهاڪو ڪيسٽ ڪلچر جي موسيقيءَ جي عروج جو زمانو چئي سگهجي ٿو. حيدرآباد سنڌ ۽ خاص ڪري ڪراچي شهر ۾ پاڪستان جي هر ٻوليءَ جي حوالي سان ڪيسٽون. ڪراچي لياري جي علائقي جي موسيقي سنڌي ٻڌندڙ بہ پسند ڪندا آهن. ان دؤر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نالي سان هڪ وائي تمام گهڻي مشهور ٿي.جنهن جا ٻول هئا:
اَلي الي منهنجا ماروئڙا ماروئڙا منڙا منهنجا
ان کي متعارف ڪرائڻ ۾ موسيٰ حسين سمون ڳائڻي جي محنت هئي، ان وائي کي سنڌ جي تمام نالي وارن فنڪارن بہ ڳايو.
خاص ڳالهه اها آهي ته اهو ڪلام نہ ئي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪونهي، انهيءَ ڪري ڪنهن بہ رسالي، گنج يا ڪتاب ۾ موجود نہ ئي ناهي پر ان ائٽم جي عام ٿيڻ سان ڪيسٽ ڪلچر ۾ هڪ ٿرٿلو مچي ويو.موسيقي ۾ رواج اهو وڃي بيٺو ته جڏهن ڪا ڳائڻي ڪوئي رومانوي يا سطحي ڪلام ڳائيندي ڳُتي ويندي هئي ته ان کي ڪيسٽ ڪمپني، شاعر، موسيقار جي باهمي صلاح سان چوندو هو ته ڪوئي بہ سهرو، لاڏو يا ڳيچ چئي ! ڪيسٽ جا ڏهه نہ ئي ائٽم پورا ڪريو. جڏهن ته باقاعده ڳائيڻي جيئن عابده پروين ۽ ٻيا راڳي . شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو اهو ڪلام رڪارڊ ڪنديون هيون جيڪو نهايت عوام جي دل وٽان هجي جيئن:

پيرين پوندي سانِ، چوندي سانِ
واڳ ڏٺي تنهنجي وس الا
(مرزا 2014، 96)

اِهو ساڳيو دؤر آهي جنهن ۾ راڳي جڏهن ڪيسٽ جو آخري ڪلام ڳائيندا هئا ته ان ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام عقيدت ۾ سونهن لاءِ، عوامي منشا لاءِ ۽ خاص ڪري موسيقار استاد نياز حسين جي خوشيءَ لاءِ ضرور ڳائيندا هئا. ڪلام/وائي جي جوڙجڪ، ڳارائڻ، اُ چار بيهارڻ، ڏوهيڙي جو انداز قائم ڪري هارمونيم جي ڀرپور مدد سان قائم ڪرائڻ ۾ ان لاءِ موسيقار استاد نياز حسين بنيادي ڪردار ادا ڪندو هو. ڪجهه ڪيسٽون ته غير معروف ڪمپنين ۽ اڻ چاتل سڃاتل فنڪارائن ۽ فنڪارن جون موسيقار استاد نياز حسين پنهنجي گهر ۾ به ڪرايون.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي گهڻو ڪري موسيقيءَ جي سازيندن کي محرم جي مهيني ۾ ان ڪري موڪل هوندي آهي جو انهن ڏينهن ۾ ساز وڄايائي ڪونه ويندا آهن، پر موسيقار استاد نياز حسين مختلف فنڪارن کي حمد، نوحن، مرثين، منقبت، نعت جون نيون نيون ڌنون تيار ڪري انهن جي ڳلي ۽ ڳائڻ جي نموني، ڳلي ۽ Pitch جي وسعت سان پيش ڪرڻ جي گهرڄ مطابق طرز ترتيب ڪري ڳارائيندو هو. (جنجهي، 2008ع، ص.143)

خاص ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سُر ڪيڏارو هڪ ئي وقت ۾ مسلسل بيتن ۽ واين جي جوڙجڪ ۾ فنڪارن جا اچار، سُر ۽ راڳ جي صحت کي برقرار رکي سوز و گداز کي نظر ۾ رکندي ڳاهيندو هو، جنهن ۾ صرف نوڪري شامل نه هوندي هئي، پر دلي اطمينان به شامل هوندو هو.

**حوالا:**


آڏاواڻي، ڪلياڻ (2012 ). شاهه جو رسالو. ڪراچي سنڌ: ثقافت کاتو ، حڪومت سنڌ
بلوچ، نبي بخش خان (1978). سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ. حيدرآباد سنڌ: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
بلوچ، نبي بخش خان (1994). شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام. حيدرآباد سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.
بدوي، مسرور (2007). هير رانجهو (مثنوي). ڄام شورو سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ
ٻرڙو، ڪوثر (2007). فن ۽ فنڪار . ڪراچي سنڌ: محمڪه سياحت، ثقافت، حڪومت سنڌ
جنجهي، حاجي الهداد، سگهڙ (2008). شاهه جو گنج. حيدرآباد سنڌ: ڪويتا پبليڪيشن
دائود پوٽو، (1994). الف بي وار شاهه جو رسالو. سڪرنڊ سنڌ: سچ پبليڪيشن.
روزانه جنگ، (1992). ڪراچي سنڌ:

روزانه عبرت، (1992). حيدرآباد سنڌ:
روزانه سنڌو، (1992).
روزانه خادم وطن، (1992).
روزانه آفتاب، (13 فيبروري).
روزانه پاسبان (1992). حيدرآباد سنڌ:
روزانه نوائي آسمان، (1992). حيدرآباد سنڌ:
هالائي سوز، (2003). ڪارون وس ڪيام. حيدرآباد سنڌ امرتا پبليڪيشن حيدرآباد
هالائي سوز، (2017). ساز ۽ آواز، چام شورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو
شيخ، شازيه ڊاڪٽر (2019). کوج چهه ماهي جلد 42، شمارو 01، مسلسل شمارو 83، لاهور، شعبو پنجابي، يونيورسٽي اورينٽل ڪاليج
قاصد عزيز (1990). ڪوثر برڙو، حيدرآباد سنڌ: ريڊيو پاڪستان حيدرآباد
قريشي، ذوالفقار علي خان (1998). جدت پسند موسيقار استاد نياز حسين خان، ماهوار نئين زندگي. ڪراچي سنڌ: محڪمه اطلاعات حڪومت پاڪستان
ڪوثر برڙو انٽرويو. حيدرآباد سنڌ: ريڊيو پاڪستان حيدرآباد
مرزا، نصير (2014). ريڊيو ڪيٽلاگ. حيدرآباد سنڌ: دوستي امرتا پبليڪيشن.
مرزا ممتاز (1978). سدا سوئيٽا ڪاپڙي ، ڪراچي سنڌ: ، ثقافت کاتو سنڌ
ميمڻ، فهميده حسين ڊاڪٽر، پروفيسر، (2017). شاهه عبداللطيف. انسائيڪلوپيڊيا، (جلد پهريون)، ڪراچي سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي
سهيل ، خرم (2011). سرمايا، لاهور . الحمد پبليڪيشنز
Qureshi, Dr. Zulfiqar Ali professor, (2018) Vaaee of Shah Abdul Latif Bhitai, Origin Evolution and Role of Electronic Media.